عبدالقادر جوڻيجو

# ويندڙ وهي لهندڙ سج

ويندڙ وهي لهندڙ سج





عبدالقادر جوڻيجو

ويندڙ وهي — لهندڙ سج

ادبي آج آجهائڻ لاءِ — آگم جا املهه ڪتاب



ماتيٽي اوتي جي ذاڻء

مالڪيءَ جا سڀ اختيار محفوظ

ڪتاب: ويندڙ وهي- لهندڙ سج
ليکڪ: عبدالقادر جوڻيجو
موضوع: ڪهاڻيون (فڪشن)
سائيز: ١٨x٢٣/٨
صفحا: ١٤٤
ڇاپو: پهريون- جولائي ١٩٨١ع
ڳاڻيٽو: پندرهن سؤ
ڇپائيندڙ: سڪندر حسيني، پاران: آگم پبلشنگ ايجنسي،
پوسٽ باڪس نمبر 238، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: زينت پرنٽرس، ڪوڪر پاڙو، حيدرآباد.
پروسيسنگ: آرٽ پروسيس، ڪراچي.
ٽائيٽل ڪور ڊزائين: خدا بخش ابڙو حيدري.
بائينڊنگ: شمي خان.

ملهه: ٻارهن رپيا.

WEENDAR WAHI—LANHDAR SIJ
Collection of Short Stories by Abdul Qadir Junejo
Published by M/s Aagam Publishing Agency,
Hyderabad Sind (Pakistan)

انهن کي يونيورسٽي ڪالونيءَ جي مارڪيٽ ۾ گھمائڻ ۽ علي محمد چانگ (سندس هڪ دلچسپ قسم جو دوست) سندس خاص ڪمزوريون آهن.

جيتريقدر سندس ڪهاڻين جي اهميت جو سوال آهي ته مون لاءِ ”گھر جي مرغي دال برابر“ آهي. پر پاڻ گھر ۾ اڇي پٽاڪ هٿندو آهي ته سندس ڪجهه ڪهاڻيون پنجابيءَ، اردوءَ، انگريزيءَ، فرينچ (ڪئناڊا) ۽ هنديءَ ۾ ترجمو ٿي چڪيون آهن. پيو ته الائي ڪوڙ يا سچ پر مون کي ايتري خبر آهي ته سندس هڪ ڪهاڻي پنجابي زبان ۾ ترجمو ٿي آهي.

گھر ۾ ٻه زالون اٿس، هڪڙي نئڊي هوندي ڏهن سالن جي ڄمار ۾ سنڌڻ پرڻيو ۽ ٻي آئون آهيانس، جيڪا پنجابڻ آهيان. ٻار ٻه اٿس، جيڪي منهنجي پيٽ مان آهن، هڪڙي گلشن بي عائشه ۽ ٻين صفيه. پاڻ ٻه ٻسر آهي ۽ ڌيئون ٻه ٻسر اٿس.

سندس دنيا ۾ صرف ٻه ديوتا رهن ٿا هڪ سندس وڏو پاءُ محمد قائم ۽ سندس مائيجي ماءُ (Step Mother) حاتي. ڪنهن زماني ۾ آئون به سندس ديوتا هيس پر هاڻ ”وه بات نهين مولوي مدن کي سي.“

— نجمه قادر جوڻيجو

# سڌاءُ


– آگميو آهي — پبلشرز
– سندم ور — نجمه قادر
– سچاٽپ — حميد سنڌي


## ● ڪهاڻيون


– چڙيل پن ١١ – زال ذات ١٨
– ڪڙيل تارا ٢٢ – هورو ٣٢
– واڏون، راتيون ۽ رول ٣٨ – ابو امان ٥٠
– ڪارونجهر جي ڪور ٥٦ – موت ٦٥
– ڏک ٧٣ – ڏن وکن ۾ ٧٥
– ڪوت جي پٽ ٨٢ – روڪيل لڙڪ ٩٠
– ويندڙ وهي- لهندڙ سج ١٠٠ – چار ١٠٩
– پٿر ١٢١ – ڳوناڻو ماڻهو ١٢٦

ڪاڀاريل زبردست ۽ زور آور واٽ وينڌي به ڏٺا ته جيل ۾ سوکها به مليم، انهن جو رهائيون عبدالقادر جي رهائين کان مختلف نه هيون.

هن مجموعي جي ڪهاڻين مون کي مست ضرور ڪيو آهي پر هڪ ڳالهه ۾ مان ليکڪ سان سهمت نه آهيان. اها ڳالهه جوٽيجي جهڙي ليکڪ جنهن جي قول فعل ۾ ڪجهه فرق نه آهي کي سونهين نه ٿي. اها آهي مجموعي چونڊ. ٺيڪ انهن گهرجي ها ته پنهنجي شروعاتي دور کان لڪمل ڪهاڻين کي سلسلي وار ڇپائي ها ته سندس ذهني اوسر ۽ فني اوسر ۽ فني ارتقا جو پتو پوي ها. سندس نظريات ۽ خيالن، لکڻي، جي ذائق ۽ هنر ۾ جيڪڏهن ڪا ڦيرگهير آئي آهي ته انجو ڏس پتو ضروري هو. هر ڪهاڻي ۾ هڪ گهڙي، هڪ پل، جي نمائندگي ڪري ٿي. ۽ جيئن جيئن ان ليکڪ جون ڪهاڻيون سلسليوار اسان جي سامهون اچن ٿيون ته هڪ پوري دور جي سماجي، اقتصادي، سياسي فڪر ۽ تاريخ کي نروار ٿي ڪري. جيڪڏهن جوٽيجو ائين ڪري ها ته شايد مان ڪنهن به وکون وڌي وڃي پاڪر پايان ها، هاڻ مان سائس وک وڌي ملندس جيئن ملندو آهيان، ڇاڪاڻ ته جوڻيجو اڄ به منهنجي لاءِ سنڌي ادب جو اهم ۽ نمايان ڪهاڻيڪار، منهنجو دوست، منهنجو ڀاءُ آهي.

●●

گهڙو ڀيهر پرزا پرزا ٿي ويو.
”مئي سولي ٿيندين.... وڏيرو ڀوڙهو آهي ته منهنجي خير آهي. اچا ايترا ڏنڊ اٿس، جو مانيءَ کي ڪانئيو ٿو سگهي، سو توکي ٻه چماڙي ويندو.“
هوا زور لاتو، لهرن ڪر کڻي ٻوڙ ٻاتي، هڪڙو ڇپيل پن پاڻيءَ تان ترڪندو، اڇلجندو، گهوسانهون ڪائيندو، ايرندي محير شاه واري ڪن ڏانهن لڙهندو ويو.

---

# ڦڪوريندڙ برف

برف ڦڪوريندي آهي ته پاڻي جو وهڪرو شروع ٿيندو آهي پر جي نلو حسين بلوچ اکڻ شروع ڪري ته اکرن جو وهڪرو سمنڊ جي صورت اختيار ڪندو آهي. اکرن جي سمنڊ کي هڪ ناول جي روپ ۾ قلم بند ڪيو ويو آهي، ۽ سمنڊ مان هيرا موتي هزار ڳولڻ لاءِ پاڻ به پڙهو ۽ پنهنجن دوستن کي تحفي طور به ڏيو. ڪتاب تحفي طور ڏيڻ جي عادت پيدا ڪريو، ان مان سنڌي ادب جي خدمت به ٿيندي ۽ توهانجو ڏنل تحفو يا چمار يادگار به رهندو.

نذر سنز (لميٽڊ) ١٥- ڪوٺڙي وارو چيمبرس
هوش محمد شهيد روڊ
حيدرآباد

# ڪڙيل ڌارا

مياري جي ڪاري رات نانگ وانگر ڦڻ ڪڍيو بيٺي هئي. اترين هوا سوسٽ ڪندي پاڻ تہ وڍيل مڪل ڪانڊيرا گهڙڪائي، اڇي لوڙهي جي پاڙ وٽ پرڙيا هئا. اترئين لئي جي هوا تي رڙ پئي پيئي. لئي تان اڏاڻل پيرب ساڃهين پير تي وڃي ويٺي ۽ چرڙاٽ شروع ڪري ڏنائين.

"سٺي نياڳي ڏيڻ" جوڌس ڪچي. هن جوڌس ڏانهن نهاريو، جنهن پنهي هٿن ۾ دونهان ڪڍندڙ ڪاٺيون کنيون ۽ هڪ پٺي تي هٿي ڪوئلي وارو حصو ڪيرائي، ٻيون ڪاٺيون ڏاهي جوڙي رکيون اکيون چنجهيون ڪري، ڪنڌ جهڪائي ڦوڪ ڏنائين، ٿانڊي ۾ ڳاڙهاڻ آئي، ڦلهير اڏاڻي. ٻيءَ ڦوڪ تي باه جي نارنگي شعلن ڪاري ساڻ نڪتل نانگ وارو لهرو کاڌو. انڌه جو ڪوٽ لوڏو کائي ڪري پيو.

"ڪاٺيون، سڙيئي سوچاريون آهن."

"ها! ڪرڙ هوئين باه آهي." جوڌس ڳوريون ٻانهون باه مٿان سڪيندي چيو. روشنيءَ تي جوڌس جو ڳورو ڳاڙهو ڳلو وڌندڙ لڳي رهيو هو. وڏين وڏين اکين ۾ دونهين سببان ڳوڙها ڀرجي آيس.

"چڱو سڄوڙي!" هن بيٺي بيٺي چيو ۽ پٽ ورائي در ڏانهن پير کنيائين.

"بادشاه پير پلي ڪندو." جوڌس چيو ۽ سڙس ڏانهن نهاريائين. ڪاري ٻربل سٿي، ارڙهن آنہ ڏکهي ڪاري قميص، سٿي تي اجرڪ جي پٺڪن جي اترادي وڙي ٻڌل، گڏوگڏ

”ڪاڪا! آئون پوڳ ڪونہ ٿو ڪريان. سچ ٿو چوانءِ، اٺ رستو ڀلجي ويئي آهي ۽ اڃا پيئي گهاٽن جهنگن ۽ ويڙهن ۾ ڊوڙي ۽ رڙهاٽ ڪري. ڪاڪا! هورو سال چا صديون رلائيندو آهي، وڻن جا جهنگ، ميدان، ماڻهن جا ميڙ، بلڊنگن جا جهڳٽا، ويران ڏوڙ ڀريا رستا، ڏڪن جهڙا روڊ، گلوب تي نڪتل ليڪون، سڀ ٽپي پوءِ گهر جي چائنٺ تي پير ڦٻندا آهن.

---

توهان کي سنڌي ڪتاب بازار ۾ ڪٿا ملن، ان ۾ ڏوهہ ڪنهنجو، انهيءَ فيصلي ڪرڻ جو اختيار ڪنهنکي؟ اسين انهي وڻ ويڙهي ۾ ڪونہ ٿا ڦاسڻ چاهيون. پر سنڌي ڪتاب بروقت ۽ هروقت ميسر ڪري ڏيڻ لاءِ اسان هڪ پروگرام ٺاهيو آهي. توهان هڪ سو روپيا موڪلي اسانجا ميمبر ٿي وڃو اسين سنڌي ۾ ڇپجندڙ هر اهو ڪتاب جنهن ۾ توهانجي دلچسپيءَ جو سامان هوندو رجسٽري ڪري موڪليندا سون.

تفصيلات لاءِ لکو.

نذر سنز (لميٽيڊ) ١٥- ڪوٺڙي وارو چمبرس

هوش محمد شهيد روڊ حيدرآباد.

"ڪمدار، مڙسيءَ جا شان ٿي پيا آهن!.... پروچڪو شان، پروچڪيون ڳالهيون!"

"بچين، ائين ته برو بر آهي."

"پوءِ؟" رئيس ٿي پيرا "پـــوءِ" جـو اڪـــر اُچاريو. محمود ڏانهن نهاري، سپاجهيءَ ڏانهن نهاريائين، وري محمود ڏانهن نهاري، پڇيائين!

"نالو ڇا اٿئي؟"

"محمود!"

"پوءِ، ابا محمود، موڪل اٿئي!"

محمود ۽ سپاجهيءَ جي پيٽ ۾ ساه پيو. ڪنڌ ۾ سر تي ويـڻـل جوانـڙيءَ ٿـڌو ساه ڪنيو. اداس خوشي سندس مـن ۾ پکڙجي ويئي.

"ٽڪين ته ماني ٽڪي جام، هنڌ بسترا ڪوڙ، نه ته اهو رستو، اهو تون." رئيس محمود کي چيو.

"جوان، اهو اٿئي رئيس! پيو ڳالهائين! متان چئين ته مڙس ڪونه مليا هئم!" ڪمدار چيو.

* * * *

وزنديءَ رات ڪپ ڪوڙيا. محمود ۽ سپاجهي ڳوٺ مان نڪري ٻاهر پرا ٿيا. هو رستي تان هلي وري پنڊيءَ تي آيا، ۽ پنڌ کي چڪيائون. هلندي هلندي، محمود سپاجهيءَ جـي ڪنڌ وڏان ٻانهن ورائي پاڻ ڏانهن ڇڪي- ٽنگون پاڻ ۾ وچڙندي بچيون.

"ڪيئن آهين؟"

"ٺيڪ آهيان." ساز وڳو.

"هاڻ وڏيون پنڌ ڪي، جيئن سج آيرڻ کان اڳ پهچون."

"پلين."

ڪاري پاٽ رات، واءُ بند، جهڙاؤ جي ڇــاتي پريل- هو هلندا رهيا. ماٺو ماحول، ٺيي هٽيو پيو هو. جهڙائوءَ جي ڪناري

جي سڪل پوڙهي آڱري ليڪن تي ڦڙنـدي ويئي ۽ "ٻـارهن" ٻارهون ليڪو ڪيڊيائين. "باقي هڪڙو مهينو." چڱا ليڪا پـاڻ ۾ ونڙي پٽين تي پکڙجي ويا. چوڏاري پٽيون ڪاريون ٿي ويون. هوءَ نرڙ تي هٿ ڏيئي ويهي رهي.

"ڇا آهي؟" مڙسس گهر ۾ ڍرندي گهوري آواز ۾ پڇيو.

"باقي مهينو وڃي بچيو آهي". ٻيوسي.

"اڙي هيڏا انهن." پوڙهي جا چپ ڦڙڪڻ لڳا.

"ڪچاڙو؟"

"..." لڙڪـدل ڪي جـهبيون.

"بس"

"ڀاڳ ڦٽل آهي پانجي اولاد جو."

"الائي."

"راڄ ڪي هاڻ منهن ڏيکارڻ جهڙو ڪونه رهيو آهيان."

"ڪوه؟" مانان ڪان چرڪ نڪري ويو.

"عارب وارن سڳ عـدولي چڙيو."

"هان!"

".اٺهن تي ڪهڙو اعتبار.... منهنجي ڏاڙهـيءَ ۾ ڦڪ بـه ڪونه رهيو."

۽ انين پئي لـڳو جـڻ گهر ۾ ٻـه موئن جي دڙي جـون سورتيون رکيون آهن، جيڪي لڙڪ به ڪونه ٿيون ڳاڙين.

---

*ـ ڪي ڪتاب ان لائق هوندا آهن جو انهن ڪي ڳڙڪائي ڇڏجي، ڪي رڳو چکيا ويندا آهن، ۽ ڪي چٻاڙي چٻاڙي کاڌا ويندا آهن ۽ هضم ڪيا آهن.

(فرانس بيڪن)

”پر تون پٽ تي ڇو ٿي ويهين؟“ محمد خان جي چهري تي پريشانيءَ جون ليڪون اڀري آيون.

”پوءِ ڪٿي وهان؟“

”سامهون ڪرسيون پيون اٿئي!“

”نوڪر ماڻهو ڪرسين تي ٿوروئي ويهندا آهن. ڪٿي تون ڪٿي آئون؟ هروڀرو اپ مان نڪر هڻان ڇا؟ آن جي ڪٽڻ ڪرسين تي پڪي ڪونه ٿو وهي، سو آءٌ ڪيئن ويهنديس. ڪٿي ڪونه ڪنيو اٿم جو ڪرسيءَ تي ويهي پٽ ڪٽان. الله ڏي، ٻئي جهان وڃائڻا ڪونه اٿم.“

۽ محمد خان اٿين چپ ٿي ويو، ڇڻ پنهنجي ئي ڪوٽ جي ڪا پت هو.

●


# پگهرندڙ برف

برف پگهرندي آهي ته پاڻيءَ جو وهڪرو تمز ٿي ويندو آهي، پر نذر حسين بلوچ ته اکرن جي وهڪري جو سمنڊ اٿلائي هڪ ناول ڪناري لڳايو آهي.

جنهن ۾ رومانس، جاسوسي ۽ انساني قدرن جو خوفناڪ ٽڪر آهي هار جيت جو فيصلو توهان ناول پڙهي ڪري سگهو ٿا.

”پگهرندڙ برف“ سنڌي زبان ۾ ڇپجندڙ شايد پنهنجي قسم جو پهريون ناول هوندو. اڄ ئي پنهنجي ڪاپي لاءِ لکو:

١٥- ڪونري وارو چمبرس
هوش محمد شهيد روڊ حيدرآباد

واسيلي شڪشن

سنڌيڪار: عبدالقادر جوڻيجو

# ڳوٺاڻا ماڻهو

[تعارف: ترجمي ٿيل ڪهاڻي "Coutry dwellers" جو ليک واسيلي شڪشن (Vasily Shukshin) اصل سائبيريا جو رهاڪو هو. ليک هڪ ئي وقت هو سٺو ڊرامہ نگار، فلم پروڊيوسر، ڊائريڪٽر، فوٽوگرافر ۽ ايڪٽر هو. هو پنجيتاليهن سالن جي عمر ۾ ١٩٧٤ع ۾ وفات ڪئي. سندس هڪ مجموعو "I want to live" انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. سندس هڪ ڪهاڻي "Thoughts" سنڌيءَ توڙي اردوءَ ۾ ترجمو ٿي چڪي آهي.

واسيلي شڪشن جو خاص موضوع ڳوٺاڻن ماڻهن جي سادگي ۽ زندگيءَ جي ملڪيل جديد منصفانہ ۽ مشيني سهوليتن جو وڌندڙ ڳانڍاپو آهي. ڪيئن نئين زندگيءَ ڏانهن سفر ڪندڙ ڳوٺاڻن ۽ اڻ ٻوجهه ماڻهن جي ننڍڙين، خوبصورت ۽ غير نقصانڪار ڪمزورين کي چٽڻ ۾ وڏو ڪمال حاصل آهي.

هيءُ جو اسان وٽ پراڻي ڌي ويل مغربي ادب ۽ ڊرامي جي تقليد ۾ هڪڙو وڏو رواج اچي پيو آهي تہ ڪهاڻيءَ ۾ هرو ڀرو سوڙ پيدا ڪرڻ ۽ ڀڃاڙيءَ جو وري اهڙو ڦات ڦاڙڻ، جو پڙهندڙ جا ٻئي هٿ مٿي تي هجن،

ڪهاڻيون نه ٿيو جاسوسي ڪـ اتو ٿيو. واسيلي شڪشن جون ڪهاڻيون اهڙن ليکڪن کي ضرور پڙهڻ گهرجن.

واسيلي شڪشن زندگيءَ مان ذڪر ڪوري، جيئن آهن تيئن ڪاغذ تي پکيڙي ڇڏي ٿو، پر [illegible]گيءَ کي ڪنچي اهڙي هنڌان ٿو ڏئي جو اها سنئين سڌي اخباري قسم جي رپورٽ ٿيڻ بدران فني شاهڪار جو روپ جهلي ٿي بيهي. سندس ڪابه اهڙي ڪهاڻي پڙهڻ ۾ نه آئي اٿم جنهن ۾ ٿلهي ڊراماڻيت آيل هجي.

ازانسواءِ سندس ڪنهن به ڪهاڻيءَ خوامخواه جو سياسي پرچار ۽ نعريبازي ڪٿي به ڪانه ٿي ملي. پلا جي ڪٿي ڪا سياسي ڳالهه ڪري به ويو آهي تـه بـه فني بنياد تي سنجيدگيءَ سان ڪئي اٿس.

جيئن ته شڪشن جو واسطو ويهين صديءَ جـي سياسي رخن تي ڇانئجندڙ فڪري ۽ فني تحريڪ "سماجي حقيقت نگاريءَ" سان آهي. ان لحاظ کـان کيس سندس فڪري گروهه ۾ شامل ليکڪن ۾ ممتاز مـقام حاصل آهي. نه رڳو اهو، پر "سماجي حقيقت نگاريءَ" ۾ موجود ڪجهه انتهاپسند فڪري لاڙن جي ردعمل طور تي پيدا ٿيل جديد ترين فڪري لاڙن جي ميدان تي بيهي ڪري به کيس رد ڪرڻ جو ڪوبه جواز موجود نه آهي.

بهرحال جنهن شئي کي "فني دائميت" چئبو آهي اها سندس فن ۾ موجود آهي.]

ع. ق. ج.

.... .... .... ...

"....... امان، پراڻو وقت ته ياد ڪر. هن خط پڙهڻ سان هيڏانهن هلي اچ ۽ اچي اسان کي ڏسي وڃ. هت اچڻ کان پوءِ توکي ماسڪو جي شهر ڏسڻ جو به وجهه ملندو. ڀاڙي پٽي لاءِ پئسا موڪلي ڏيندس. منهنجي خيال ۾ هوائي جهاز ذريعي اچڻ

